مُرڪ ٻئين درجي ۾ پڙهندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي ڀاءُ اسد ۽ ماءُ سان گڏ ڪتابن جي دڪان تي آئي ۽ لطيفن جو هڪ ڪتاب ورتائين. ”پڙهو ۽ ٺهڪ ڏيو.“ هن اسد ۽ ماءُ کي لطيفو پڙهي ٻڌايو، ”مڇيون ڪاري پاڻيءَ ۾ ڇو رهنديون آهن؟ جواب، ان ڪري جو انهن کي مرچن کان نِچون اينديون آهن.“ سڀني ٺهڪ ڏنا.




ٿوري دير ٿي تہ مُرڪ، اسد ۽ ماءُ ڏانهن ڏٺو تہ هو
موجود نہ هئا. هُجوم ۾ اوپرا ماڻهو هئا. مُرڪ
ڪنهن کي نہ سڃاتو. مُرڪ جي دل ڌڙڪڻ لڳي.
هن چاهيو تہ هوءَ زور سان رڙيون ڪري پر ڪيس
ياد آيو تہ مصيبت ۾ همت کان ڪم وٺجي.



سوچڻ لڳي تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي. هُن آسپاس ماحول کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس سمجهہ ۾ نہ آيو. ڪيس استاد جي ڳالهہ ياد آئي تہ جيڪڏهن اوهان هُجوم ۾ ڪٿي گم ٿي وڃو تہ پيهر اُن جاءِ تي اچو، جتان اوهان ساٿين کان جُدا ٿيا هئا.



مُرڪ کي پيءُ جي ڳالهہ ياد آئي تہ جيڪڏهن ڪو اوهان کي زوريءَ وٺي وڃي تہ آسپاس جي ماڻهن کي رڙيون ڪري ٻڌائجي. مُرڪ رڙيون ڪيون: ”منهنجي مدد ڪريو.“ رڙيون ٻڌي اجنبي ڀڄي ويو. مُرڪ ماڻهن کي ٻُڌائڻ لڳي تہ هُوءَ پنهنجي ماءُ کان جُدا ٿي وئي آهي.




مُرڪ وٽ هڪ عورت آئي ۽ پيار سان ماجرا پڇڻ لڳي مُرڪَ ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائي ۽ پوءِ گهر جو پتو ۽ فون نمبر ٻڌايو. عورت ڪيس ڪتابن جي دڪان تي پهچايو. جتي مُرڪ جي ماءُ ۽ پاءُ اسد پريشان بيٺا هئا.



مُرڪ ماءُ کي ڏسي ڊوڙي ڀاڪر پاتو، ماءُ ڪيس پيار ڪرڻ لڳي. مُرڪ ڪيس ٻُڌايو تہ ڪتابن جي دڪان وٽ سندس هٿ ڇڏائجي ويو ۽ هوءَ هجوم ۾ اڳيان نڪري وئي ۽ هيءَ عورت مون کي هتي وٺي آئي آهي.



ماءُ مدد ڪندڙ عورت جي مهرباني مڃي. دڪان تي بيٺل ماڻهن مُرڪ جي ساراهہ ڪئي تہ هوءَ هڪ همت واري ۽ بهادر ڇوڪري آهي، جنهن مصيبت ۾ حوصلي کان ڪم ورتو سڀني مُرڪ کي بهادر ڪوٺيو.



**اهم سوال** جيڪڏهن مُرڪَ جي جاءِ تي توهان هُجو ها تہ ڇا ڪيو ها؟

## پڙهڻ جون صلاحيتون ۽ حڪمت عمليون

آواز: هم آواز لفظن جي سُڃاڻپ.
لفظن جو ذخيرو: لطيفن، ٺهڪ، نِچون اجنبي، هُجوم، هِمٿ، ڪوشش، مصيبت، حوصلي، جيڪڏهن، شاباس، مهرباني، بهادر.
زبان شناسِي: مُرڪب لفظ.

## ليولڊ ريڊرز

ليولڊ ريڊرز جو بنيادي مقصد شاگردن کي پڙهڻ ۾ خودمختيار ڪرڻ آهي. شاگردن جي ’پڙهڻ‘ جي صلاحيتن کي سامهون رکندي هر ڪهاڻيءَ جا ٽي سيٽ لکيا ويا آهن جن کي ’ليولڊ ريڊرز‘ چيو وڃي ٿو. هي ليولڊ ريڊرز شاگردن جي ٽن سطحن (بهتر درجي جا پڙهندڙ، وچولي درجي جا پڙهندڙ ۽ شروعاتي درجي جا پڙهندڙ) تي مشتمل آهن. 24 هفتن لاءِ 8 ليولڊ ريڊرز لکيا ويا آهن جڏهن تہ هر ليولڊ ريڊر لاءِ 3 هفتا مخصوص ڪيا ويا آهن. سيني ليولڊ ريڊرز جي پوئين صفحي تي شاگردن جي لاءِ پڙهڻ جي لاڳاپيل مهارتن جون سرگرميون ڏنل آهن. ليولڊ ريڊرز جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور: مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطِيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري تُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# استادن لاءِ هدايتون

## شروعاتي 3 صفحن کان پوءِ جا سوال

1. لطيفن جي ڪتاب جو نالو ڇا هو؟
2. مُرڪَ اوپرا ماڻهو ڏسي ڇا ڪيو؟
3. مُرڪَ کي ٽيچر جي ڪهڙي ڳالهہ ياد آئي؟

## اڌ ڪهاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

1. اجنبي ماڻهوءَ جڏهن مُرڪَ کي ٽافِي ڏني تہ هن کي ڇا ياد آيو؟
2. اجنبي شخص ڪيئن پڇي ويو؟
3. مُرڪَ، عَورت کي ڇا ٻُڌايو؟

## ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

1. مُرڪَ، ماءُ تائين ڪيئن پُهتي؟
2. ماڻهن مُرڪَ جي تعريف ڇو ڪئي؟
3. ڇا توهان کي پنهنجي گهر جو پتو ۽ ماءُ، پيءُ جو فون نمبر ياد آهي؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ ڀائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.